ACADEMIA International Journal for Social Sciences
Volume 5, Issue 3(s9), 2026 ISSN-L (Online): 3006-6638

# سنڌي لوڪ گيت: لوليءَ جو فني ۽ فڪري جائزو

## An Artistic and Intellectual Analysis of Sindhi Folk Lullaby (Loli)

**Irfan Dahri**
irfanalidahri097@gmail.com
Lecturer Sindhi (Language and Literature) / M.Phil. Scholar SBBU, Nawabshah, Sindh, Pakistan.

**Mujeeb U Rahman Otho**
mujeebotho@yahoo.com
Lecturer Sindhi (Language and Literature)/ M.Phil. Scholar SBBU, Nawabshah, Sindh, Pakistan.

**Hameeda Khaskheli**
alihassankhaskheli001100@gmail.com
Lecturer Sindhi (Language and Literature)/ M.Phil. Scholar SBBU, Nawabshah, Sindh, Pakistan.

**Ghazala Khaskheli**
alihassankhaskheli001100@gmail.com
Subject Specialist Sindhi (Language and Literature) / M.Phil. Scholar SBBU, Nawabshah, Sindh, Pakistan.

**Barkatullah Otho**
barkatullahotho@gmail.com
Lecturer Sindhi(Language and Literature)/ M.Phil. Scholar SBBU, Nawabshah, Sindh, Pakistan.

**Corresponding Author: Ghazala Khaskheli, Irfan Dahri and Mujeeb U Rahman Otho**
alihassankhaskheli001100@gmail.com,
irfanalidahri097@gmail.com
mujeebotho@yahoo.com

**Received:** 04-02-2026 **Revised:** 19-02-2026 **Accepted:** 06-03-2026 **Published:** 21-03-2026

**ABSTRACT**

*Lullabies represent one of the oldest and most universally practiced forms of oral or folk literature. They are used to calm babies, build emotional relation between mother and her child, and pass culture from one generation to another. This paper studies lullabies as a distinct genre of folk poetry. It explains their main features, themes, structure, and social importance in different cultures around the world. It also places lullabies within the wider field of oral literature. The main focus of this study is the Sindhi lullaby, called Loli (لولي), which is a valuable but less studied part of Sindhi culture, language, and maternal tradition.*

*The research classifies lullabies into different types, such as those related to nature, religion, future hopes, and storytelling. It also explains common features of lullabies, like simple rhythm, repetition, soft melody, use of loving words, direct speaking to the child, and symbolic images. Special attention is given to Sindhi lullabies, including their style, rhythm, repeated lines, and importance of musical tone, when they are sung.*

*The study further explores the themes found in Sindhi Lullabies, these includes mother's love, prayers for the child, connection with nature, wishes for a bright future, and reflections of women's daily life and experiences. By examining examples from both old and modern traditions.*

***Keywords:*** *Sindhi Lok Adab or Sindhi Folk Literature, Lullaby, Sindhi Lullaby (Loli), Types of Sindhi Loli, Poets of Sindhi Loli, Modern Sindhi Poetry.*

سنڌي لوڪ ادب، سنڌي قوم جي ثقافت جو ترجمان هجڻ سان گڏوگڏ، ان جي تاريخ جو هڪ بي بها خزانو آهي. جنهن ۾ سنڌ جي سياسي، سماجي، ثقافتي، تاريخي، مذهبي ۽ معاشي حالتن وغيره جو هڪ چٽو عڪس ملي ٿو. بقول ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جي ته:

”سنڌي لوڪ ادب جون پاڙون پاتال ۾ پيئل آهن، ان جا بنياد ويدن تائين وڃن ٿا. تاريخ جي هر دور ۾ باشعور سماج، سپورنج ۽ سجاڻ ماڻهو پيدا ٿيندا رهيا آهن، جن مهل موقعي جي مناسبت سان ڪنوتل ڪڍايا آهن.“ (1)

۽ ان ڳالهه ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته، سنڌي لوڪ ادب، سنڌي ٻولي جو هڪ قديم ذخيرو آهي، جنهن ڪي ڪيترين ئي صدين کان سنڌ جي سانگيئڙن پنهنجي سيني ۾ ساهه جيان سانڍيو رکيو آهي.

اهڙي ريت، سنڌ جا لوڪ گيت به سنڌي لوڪ ادب ۽ ثقافت جو هڪ اهم اثاثو آهن، جن ۾ نه رڳو سنڌ جي سياسي، سماجي، مذهبي ۽ ثقافتي قدرن ۽ روايتن جا مختلف رنگ ۽ روپ ملن ٿا، پر انهن ۾ سنڌي قوم جي اجتماعي شعور ۽ لوڪ ڏاهپ جو هڪ خوبصورت ۽ من موهيندڙ منظر به ملي ٿو ته گڏوگڏ ان ۾ سنڌي سماج جي اعليٰ جذبن ۽ احساسن جو هڪ اثرائتو اظهار به ملي ٿو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

” سنڌي لوڪ گيت، سنڌ جي ثقافت ۽ سنڌين جي عوامي ادب جو آئينو آهن، جن ۾ سنڌ جي عام زندگي جو عڪس نمايان طور نظر اچي ٿو.“ (2)

انهن لوڪ گيتن جي تاريخي حيثيت ۽ قدامت جي باري ۾، ڊاڪٽر ڪمال جامڙي پنهنجي ڪتاب ” سنڌوءَ جا گيت “ ۾ لکيو آهي ته:

” اهي لوڪ گيت ڪيترين ئي صدين کان هتي ڳايا وڃن ٿا ۽ سنڌ جي ماڻهن جي احساسن ۽ جذبن جي اظهار جو ذريعو آهن .“ (3)

تنهنڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته، سنڌي لوڪ گيت نه رڳو سنڌ جي تاريخ، تهذيب، ثقافت ۽ ٻولي جو هڪ تاريخي رڪارڊ آهن، پر اهي انهن سيني شين جو هڪ خوبصورت عڪس ۽ آئينو به آهن. جنهن ۾ اسان پنهنجي انفرادي توڙي اجتماعي صورت ڏسي سگهون ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش خان مطابق ؛ سنڌي لوڪ گيتن جا مجموعي طور

ڪل (57) ستونجاھ قسم آهن. جن ۾ گهٽي پاڳي ٽر جا لوڪ گيت شامل آهن. انهن ئي لوڪ گيتن منجهان لولي به هڪ پيار پريو ۽ مِنڙو گيت آهي. جيڪو ماءُ پنهنجي ٻچي کي، جڏهن هو روئندو آهي يا ڪيس بيزار ڪندو آهي، ته ڪيس لوڏ يا جهوليءَ ۾، يا وري پينگهي ۾ ليٽائي، سمهارڻ خاطر اڪثر منڙي آواز ۾ پئي جهونگاريندي آهي. هوءَ اُهو گيت، اهڙي ته سُر، لئي ۽ ترنم ۾ ڳائيندي آهي. جو ٻار سندس آواز جي مناس ۽ درد جي اثر هيٺ، ننڊ جي خمارن ۾ پئجي ويندو آهي. جنهن بعد هوءَ اطمينان سان پنهنجي گهر جي باقي رهيل ڪمن ڪارن ۾ لڳي ويندي آهي.

اهو به سچ ۽ صداقت آهي ته؛ ان گيت جي آواز ۽ آلاپ ۾ ايترو ته سوز سُڪون ۽ سُرور سمايل هوندو آهي، جو ٻار ته ان مان لطف اندوز ٿيندو ئي آهي، پر پرسان وينل ۽ ٻڌندڙ هر هڪ ماڻهو به، ان مان اها لفظن جي لذت ۽ لطف پيو ماڻيندو آهي. اهڙي ريت، ڪي مائرون، ان گيت ذريعي پنهنجي ٻچي سان اندر جا حال احوال پيون اوريندي‌يون آهن، ته ڪي وري ڪيس وڏو ٿي، بهادر ٿيڻ جو تاڪيد ڪنديون آهن. ته ڪي مائرون وري پنهنجي ٻچي کي دنيا جي بيحد خوبصورت شين سان ڀيٽ پيون ڪرائينديون آهن. ته ڪي وري ڪيس لاڏ ڪوڏ مان مختلف لقبن سان پيون سڏينديون آهن. تنهنڪري، اهو ئي سبب آهي. جو اسين چئي سگهون ٿا ته؛ هن گيت ۾ ماءُ جي ممتا جو هڪ اٿاه سمنڊ سمايل هوندو آهي. هتي اها ڳالهه واضح ڪرڻ ضروري آهي ته، هن گيت کي هميشه "ماءُ گيت يا ماءُ جو گيت" ئي سڏيو ويجي ٿو پر سماجي حقيقت ڪجهه ان جي برعڪس آهي. ڇاڪاڻ ته، ڪڏهن ڪڏهن اهو گيت، ان ٻچڙي جي ڏاڏي، ناني يا سندس ڀيڻ وغيره پڻ جهونگاريندي آهي.

## مختلف ٻولين ۾ لوليءَ لاءِ استعمال ٿيندڙ لفظ:

سنڌي ٻوليءَ ۾ " لولي" لفظ جون به لغوي معنائون ملن ٿيون، هڪ معنيٰ آهي: "ننڍو لولو مِني ڪوڪي." (4) ۽ ٻئي حوالي موجب: لوليءَ لفظ جي لغوي معنيٰ آهي: " ٻار کي سُمهارڻ لاءِ ڳايل گيت، ماتا جو راڳ، لوري، اوراٽو اولاٽو مِنو راڳ." (5) جڏهن ته، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي ٻوليءَ ۾ هن گيت جي لاءِ استعمال ٿيندڙ ٻين لفظن جهڙوڪ: "اوراٽو" ۽ "اولاٽو" جو بنيادي ڌاتو" لَلَ" ڄاڻايو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: لُڏڻ، ڪُڏائڻ، کيڏائڻ وغيره

ڏنو ويجي ته اهو لفظ، بنيادي طور سنسڪرت ٻوليءَ جو آهي، جنهن جي لغت ۾ ساڳي ئي معنيٰ ڪجهه هن ريت ملي ٿي: " *کھیلنا، تماشا کرنا، کلولیں کرنا، اٹھلانا*." (6) ان حوالي سان هڪ ٻيو لفظ " لَلا " به ملي ٿو جنهن جو مطلب آهي: " *طِفل، بچہ، بالک*" (7) تنهنڪري، اهو چئي سگهجي ٿو ته، اهي ٻئي لفظ، لولي ۽ لَلا، سنسڪرت ٻوليءَ جي لفظ " لَلَ"

مان ئي ورتل هجن. ڇاڪاڻ ته، لولي گيت ڳائڻ وقت، اڪثر مائرون پنهنجي ٻارڙي کي مٿي هنج ۾ ڪٽي، کيس پيار مان پيون لڏائينديون ۽ ڪُڏائينديون ۽ اُهو گيت پيون چونديون آهن.

اهڙي طرح انگريزي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ لولا ٻاءِ (Lullaby) به انگريزي ٻوليءَ جي هڪ فعل لَلِن يا لَلُ (lull) مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: سڪون پهچائڻ يا آرام پهچائڻ. جڏهن ته، ٻي روايت موجب: "اهو لفظ چوڏهين صديءَ ڌاري "لولائي يا لُولي" (Lollai or Lullay) مان ورتو ويو آهي. يا چيو وڃي ٿو ته: "اهو جرمن ٻوليءَ جي هڪ لفظ "Lullen" مان ورتو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: " آهستي آهستي لوڏڻ" اهو لفظ سوئيڊش ٻوليءَ جي هڪ لفظ "Lulla" سان به جڙيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: لولي جهونگارڻ، يا وري لُو لُو "Lu_lu" جهڙو آواز جيڪو ڪنهن کي (ٻار) سُمهارڻ جي لاءِ ڪڍيو وڃي." (8) ٽئين روايت اها ملي ٿي ته: اُهو لفظ عبراني ٻوليءَ جي هڪ لفظ لِلِٿ ابي (Lilith _ Abi) مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: لِلِٿ هليو وڃ يا پري ٿي. ان بابت يهودين ۾ هڪ روايت ڪجھ هن ريت ملي ٿي ته:

"A folk etymology derives lullaby from ' Lilith-abi' Hebrew for " Lilith , begone " ) In the Jewish tradition, Lilith was a demon who was believed to steal children's souls in the night to guard against Lilith Jewish mother would hang four amulets on nursery walls with the inscription "Lilith – abei ("Lilith– begone".(9)

" هڪ لوڪ اشتقاق موجب : لولاٻاءِ عبراني ٻوليءَ جي لفظ "للت ابي" مان ورتو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: للت هليو وڃ يا پري ٿي وڃ. يهودين جي روايت موجب، لِلت نالي هڪ شيطان هو جنهن جي باري سندن اعتقاد هو ته، اهو رات جو ٻارن جا روح چوري ڪري ٿو، لِلت کان بچاءَ خاطر، يهودي قوم جون مائرون ٻارن جي ڪمري جي ديوارين تي چار تعويذ (هر هڪ ديوار تي) لٽڪائي ڇڏينديون هيون، جنهن تي "لِلت ابي معنيٰ للت پري ٿي يا هليو وڃ" لکيل هوندو هو."

چيو وڃي ٿو ته : اهو لفظ، پهريون ڀيرو 1573ع يا ڪِن روايتن موجب، 1560ع ۾ استعمال ٿيو. اهڙي ريت، دنيا جي مختلف ٻولين ۾ هن لوڪ گيت جي لاءِ مختلف نالا ملن ٿا، جهڙوڪ: هندي ۾ لوري (عربي ۽ فارسي ۾ هڪ جهنگلي قوم جو نالو يا انڊيا جي اتر پرديس ۾ طوطي کي، ۽ سنڌي لغت ۾ ان لفظ جي معنيٰ آهي : سِڪ، اُڪير، جهوري، يادگيري وغيره)، "پنجابي زبان ۾ لوري يا گيگا، ( گيگا مٿيءَ جي رانديڪي کي چيو ويندو آهي)، فارسي زبان ۾ لالائي (جيڪو انگريزي ۾ ملندڙ هڪ ٻئي لفظ (Lollai) سان ملي جُلي ٿو)، پشتو ۾ وري ان کي "الله هوشه" چوندا آهن.

## لوليءَ جو تاريخي پسمنظر:

”لوڪ ادب سيني ادبن جو سرواڻ ۽ بنياد آهي . لوڪ ادب ۾ لوڪ گيتن جي سربراه لولي آهي. سڀ کان پهريان پڪ سان لولي ئي تخليق ٿي هوندي. چاڪاڻ ته فطري طور تي انسان هر شيءِ کان وڌيڪ اولاد سان محبت ڪري ٿو ماءُ اولاد جي پلي ۽ بهتريءَ لاءِ مرڻ کان به نه ڪيٻائيندي آهي. اها ماءُ ئي آهي، جنهن پنهنجي اولاد کي آرام ۽ آسيس ڏيڻ ۽ وندرائڻ لاءِ ڪي ٻول ٻوليا هوندا ۽ لولي ٻڻجي ويا هوندا.“ (10) تنهنڪري، ماءُ ۽ سندس ٻچي جي جنم سان ئي هن لوڪ گيت جي شروعات ٿي آهي. پر اها به حقيقت آهي ته؛ لوڪ ادب جو تعلق گهڻي ڀاڱي سينه به سينه روايتن سان جڙيل آهي. تنهنڪري، اهو ئي سبب آهي، جو هن لوڪ گيت جي سڀ کان پهرين شروعات ڪڏهن ۽ ڪٿان ٿي، ان بابت ڪي به واضح ثبوت هن وقت تائين ناهن ملي سگهيا. تنهن هوندي به، جيسيتائين لِکڻ جي فن جو تعلق آهي ته، ان ڏس ۾ هتي بي بي سي اردو جي ويب سائيٽ تي ڏنل، لولي جي تاريخي ارتقا بابت هڪ مختصر رپورٽ پيش ڪجي ٿي. جنهن مان پتو پوي ٿو ته، لوليءَ پنهنجي ارتقائي مرحلن ڪي ڪيئن طئي ڪيو آهي. جيڪا ڪجھ هن ريت آهي ته؛ ” ننڍي ڪند ۾ ننڍڙن ٻارن کي لوليون ٻڌائڻ جي روايت ڪافي پراڻي آهي، پر جڏهن لولي جي تاريخ کي ڳوليو ويو ته پتو پيو ته ان جي شروعات لڳ ڀڳ چار هزار سال اڳ عراق ۾ بابل جي تهذيب ۾ ٿي هئي. ماهرن جي مطابق؛ دنيا ۾ پهريون پيرو لولي ٻارن کي سمهارڻ خاطر ئي ڳائي وئي هئي، ۽ به هزار سال قبل مسيح ۾ هي لولي، مٽيءَ جي هڪ ننڍڙي ٽڪري تي لکي وئي هئي، جيڪا کوٽائي جي دوران ملي آهي، ان ٽڪري کي لندن جي برٽش ميوزيم ۾ رکيو ويو آهي، هٿ جيترو اهو مٽيءَ جو ٽڪرو ڪيونيفارم اسڪرپٽ ۾ لکيل آهي، جنهن کي لکت جي ابتدائي صورتن مان هڪ سمجهيو وڃي ٿو. ان لوليءَ کي جيتريقدر پڙهيو ويو آهي ته، ان جو مطلب هي نڪري ٿو. جڏهن هڪ ٻار روئي ٿو ته گهرن جو خدا ناراض ٿئي ٿو ۽ پوءِ ان جو نتيجو خطرناڪ ٿئي ٿو.“ (11) هتي ان لوليءَ جو غير حتمي سنڌي ترجمو پيش ڪجي ٿو؛

” ننڍڙا ٻار هن اونداهي گهر ۾،

تو سج کي اُڀرندي ڏٺو آهي.

پوءِ تون ڇو روئي رهيو آهين؟

ڇو پيو دانهون ڪرين؟

تو گهر جي ديوتا کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي.

”مونکي ڪنهن پريشان ڪيو آهي“ گهر جو ديوتا چوي ٿو.

هن ٻار توکي پريشان ڪيو آهي.

”مونکي ڪنهن ڊيڄاريو آهي؟ “ گهر جو ديوتا پڇي ٿو.

توکي هن ٻار پريشان به ڪيو آهي ته ڊيڄاريو به آهي.“(12)

ماهر ان ڳالھ ۾ حيران هئا، ته ان شروعاتي لولي ۾ ايترو خوف ۽ هِراس ڪهڙي سبب سمايل آهي. پر پوءِ پتو پيو ته اها روايت، مغربي ڪينيا ۽ برطانيه ۾اڄ به موجود آهي. جيئن ڪينيا ۾ رهندڙ هڪ قبيلي ”لُو(Lou) “ جي ماڻهن وٽ ان قسم جي هڪ لولي ملي ٿي ته:

” لُڏ، لُڏ، لُڏ. جيڪو ٻار روئي ٿو ان کي چراخ ( هڪ قسم جو خوفناڪ جانور) کائي ويندو.“(13)

پر ان جي برعڪس، اسان جي سنڌي سماج ۾ وري، ٻار جڏهن روئيندو آهي يا ٻِگڙندو آهي ته، ڪيس لوليءَ ۾ جهونگاري نه، پر ائين ئي واتي ويٺي، اهي خوف ڊيڄاريندڙ جملا چوندا آهن ۽ دلچسپ ڳالهه اها به آهي ته، اهي جملا ٻڌڻ شرط ئي ٻار روئڻ بند ڪندو آهي.

اهڙي طرح، ڊاڪٽر ڪمال جامڙي به پنهنجي پي ايڇ ڊي ٿيسز ۾، لوليءَ جي اصل تاريخي پسمنظر بابت هڪ الڳ ۽ منفرد حوالو ڪجهه هن ريت پيش ڪيو آهي ته، ”دنيا جي قديم لوڪ ادب مان جيڪا لکت ۾ لولي ملي آهي، سا سمير مان ملي آهي، اها چار هزار سال آڳاٽي آهي، اها لولي اُر (سميري اريم) جي ٽئين سميري شاهي خاندان جي نالي واري ۽ ڇاڻو حاڪم شولگي ( 2047_2094 ق_م) جي راڻي ابي سمتيءَ پنهنجي هڪ بيمار پٽ لاءِ ڳائي هئي، هوءَ اها لولي پنهنجي منهن به جهونگاريندي هئي. هن جي آس هئي ته سندس ٻچڙو وڏو ٿي جُڳ جُڳ جيئي ۽ خوشيون ماڻي.“(14)

انهن ٻنهي تاريخي حوالن کانپوءِ ٻيا به ڪوڙسارا حوالا ملن ٿا. جيئن لڳ ڀڳ سترهين صدي ڌاري، جوهنس براهمس (Johannes Brahms) جي لکيل هڪ لولي، ڪيترن ئي مغربي ملڪن ۾ تمام گهڻي مقبوليت حاصل ڪئي، فرانز (Franz Shubhert) 1816ع ڌاري، هڪ لولي ” سُمهه، منهنجا منا ٻچا“ جي عنوان سان لکي ۽ رابرٽ جون به ڪيتريون ئي لوليون لکيل ملن ٿيون. اهڙي ريت، اِهو لوليءَ جي ارتقا وارو تاريخي سفر، دنيا جي مختلف مُلڪن

جي مختلف ٻولين ۾ مختلف حوالن جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ وٽان ملي ٿو. جنهن کي هتي طوالت سبب پيش نٿو ڪري سگهجي.

## سنڌي لوليءَ جو فني ۽ فڪري جائزو:

سنڌي لوڪ گيتن ۾ لوليءَ کي اولين حيثيت حاصل آهي. ڇاڪاڻ ته تاريخي حوالي سان، لولي هڪ مشهور ۽ مقبول لوڪ گيت رهيو آهي. جيڪو دنيا جي هرهڪ ٻولي ۾ ملي ٿو. پر هر هڪ ٻولي ۾ اهو فني ۽ فڪري حوالي سان الڳ الڳ نوعيت جو ٿئي ٿو ۽ هرهڪ ٻولي ۾ سندس تاريخ بابت مختلف روايتون به ملن ٿيون. اهو ئي سبب آهي. جو سنڌي لوڪ ادب ۾ به لوليءَ بابت مختلف روايتون ملن ٿيون. جن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته، سنڌي ٻوليءَ ۾ ملندڙ هن لوڪ گيت ۾ تمام گهڻي فڪري ۽ موضوعاتي وسعت ۽ تبديلي ايندي رهي آهي. ان بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته:

”لولي خاص طرح سنڌ جي سري ۾ رهندڙ جتن ۽ ٻن همسايه قبيلن جو گيت آهي. هي گيت سرائيڪي ٻوليءَ ۾ آهي. محبت ۽ مجاز سندس بنيادي نڪتو آهي. ۽ زالون توڙي مرد پنهنجي منهن وندر ورونه طور، يا پاٽي پرڻ، مال چارڻ، ٻنيءَ ۾ رونبي يا لاباري وقت محفلن ۽ مجلسن ۾ ڳائين.“(15)

مٿي ڏنل حوالي مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته، اڄ ۾ جڏهن هن لوڪ گيت کي فقط ”ماءُ گيت يا هڪ ماءُ جو پنهنجي ٻچي جي لاءِ ڳايل گيت“ سمجهيو ويندو هو. پر آهستي آهستي زماني جي اٿل پٿل سان هي لوڪ گيت هتان جي ماڻهن جو من پسند لوڪ گيت بڻجي ويو جيڪو هر عورت ۽ مرد جيڪي خاص طور تي پورهيت طبقي سان وابسته آهن، انهن جي لاءِ نه رڳو وقت گذارڻ جو ذريعو بڻيو پر هو ان مان ڀرپور سڪون ۽ راحت به حاصل ڪرڻ لڳا ۽ هو پنهنجي ڏکن ۽ ڏوجهرن توڙي خوشي ۽ خوشحاليءَ جو اظهار به لولي جي ذريعي ڪرڻ لڳا. ان سلسلي ۾ محترم الله بخش نظاماڻي به چوي ٿو ته، ”سنڌ ۾ ڪاڇي ۽ ڪوهستان طرف پنهنجي سڪ واري انهيءَ محبوب دوست جي ياد ۾ لولي ڳائيندا آهن. جنهن جي هنن کي رات ڏينهن جهوري لڳل هوندي آهي.“(16)

ڏٺو وڃي ته، فڪري حوالي سان سنڌي لوليءَ ۾ جيڪا موضوعاتي وسعت آئي آهي، ان جو اهم سبب سرائيڪي لوليءَ جو سنڌي لوليءَ تي فڪري ۽ موضوعاتي اثر آهي. ان موضوعاتي تبديلي بابت ڊاڪٽر ڪمال جامڙو صاحب لکي ٿو ته:

”ممڪن آهي ته سرائيڪي ۾ لولي سڪ وارن گيتن جو نالو آهي، اها ٻار لاءِ ڳايل لوليءَ کان مختلف صنف هجي.“ (17) پر ڏنو ويجي ته سرائيڪي ٻوليءَ ۾ جيڪا لولي جي صنف ملي ٿي، اها ڪا الڳ صنف ناهي، بلڪ اسان اهو چئي سگهون ٿا ته، ’لولي‘ لفظ جي لاءِ جيڪو چيو ويجي ٿو ته، اهو ”لوري“ مان نڪتل آهي ۽ لوري جي معنيٰ جهوري يا ياد وغيره آهي. تنهنڪري ٿي سگهي ٿو ته؛ شايد اهو ئي سبب آهي جو هن صنف ۾ اڳتي هلي، اهڙي قسم جي موضوعاتي تبديلي آئي هجي.

بهرحال، سنڌي لوڪ گيتن ۾ لولي، سڀ کان وڌيڪ پيارو ۽ وڻندڙ گيت آهي. جنهن ۾ نه رڳو ماءُ جي ممتا جو رس ۽ چس آهي، پر ان ۾ چونڊ ڪيل ۽ وڻندڙ لفظن جي خوبصورت استعمال سان گڏوگڏ تشبيهن ۽ استعارن جو به هڪ خوبصورت استعمال ملي ٿو. فني حوالي سان ڏنو ويجي ته؛ ”هي گيت ڪو خاص وزن، بحر، ٽيڪنڪ يا هيئت نٿو رکي، پر ان جي زبان و بيان پڙهڻ واري کي فورا اهيو تاثر ڏئي ٿي ته، هو لوڪ گيتن جي صنف لولي پڙهي يا ٻڌي رهيو آهي. “ جنهن مان واضح ٿئي ٿو ته، هن گيت جون ڪي به فني بندشون يا ڪي فني لوازمات مقرر ڪيل ناهن. پر انهن سڀني ڳالهين کي سامهون رکندي، هتي اها حقيقت به واضح ڪرڻ ضروري آهي ته، لولي ۾ قافيي ۽ رديف سان گڏوگڏ وائيءَ وانگر وراڻي جو به استعمال ملي ٿو. لولي جي وراڻي طور هيٺيون وراڻيون اسان کي عام ملن ٿيون. ”جانب لولي...، ڍولڻ لولي.... ، سائين لولي... ، ٻگا لولي... ، مارو لولي... ، الا لولي...، وهوا لولي.... ، وڇڙيا لولي....، محرم لولي.....،وغيره وغيره،“ پر ڪجھ اهڙيون وراڻيون به ملن ٿيون، جن ۾ لوليءَ جو لفظ استعمال ٿيل ناهي هوندو، جيئن لئه ڪانگان مني لات...، آءُ ملان وجي، آءُ ملان... ، ويھ نا وساري.. تون وري آءُ، تنهنجا لکين ڳڻ ڳائيان....سائين آءُ ٿي ڏوريان ....تون آءُ سگهو شل رب راضي ٿيندو.... اچي له ڪو سڏ سماءُ..... وغيره وغيره .انهن وراڻين جو استعمال اسان کي لولي ۾ موضوعاتي حوالي سان استعمال ٿيل ملي ٿو. جهڙي قسم جو موضوع هوندو، ته ان سان نهڪندڙان قسم جي ئي وراڻي هوندي. مثال طور جي لولي ۾ وڇوڙي جو ذڪر هوندو، ته وراڻي ايندي؛ وڇڙيا لولي ۽ جي ان ۾ ڏکن ۽ غمن جو ذڪر هوندو ته وراڻي ايندي؛ محرم لولي، مطلب ته ان وراڻي جو سڄو دارومدار لوليءَ جي موضوع تي ئي هوندو آهي. ٻوليءَ جي حوالي سان هن لوڪ گيت کي پڙهڻ يا ڳائڻ کانپوءِ، اسين اهو چئي سگهون ٿا ته؛ سادن سُودن لفظن، ترنم ۽ لئي سان ڀرپور، تشبيهن ۽ استعارن سان ڪناتار هن لوڪ گيت جي ٻوليءَ ۾ شاعرن جيترو ڪن رسُ اوتيو آهي، اهو شايد ئي ڪنهن ٻئي لوڪ گيت ۾ ملي! جنهن جا ڪيترائي مثال اسين ڊاڪٽر بلوچ جي سهيڙيل ڪتاب ” لوڪ گيت“ ۾ ڏسي سگهون ٿا.

اهڙي ريت، فڪري حوالي سان ڏنو وڃي ته، سنڌي ٻوليءَ ۾ لوڪ گيت بابت به حقيقتون ۽ شاهديون ملن ٿيون ته، جن ۾ پهرين مشاهدي موجب: هي هڪ اهڙو لوڪ گيت آهي، جيڪو ماءُ پنهنجي ٻچي کي سمهارڻ خاطر لوڏ يا

پينگهي ۾ لوڏي يا کيس پنهنجي هنج ۾ کڻي، سندس ڀُني تي آهستي آهستي پيار مان ٺڦڪيون هڻي پئي ڳائيندي ۽ جهونگاريندي آهي، ان ۾ اهڙا ته، پيار ڀريا، ماکيئون منٺڙا ۽ ٻاجهارا ٻول هوندا آهن، جو انهن کي ٻڌندي ئي اهو ٻار اگهور ننڊ پئجي ويندو آهي. بقول الله بخش نظاماڻيءَ جي ته: ”لولي هڪ خاص قسم جو دهقاني دعائيه شعر، گويا دعائيه لفظن جو مجموعو آهي، جا اڪثر ماءُ پنهنجي ٻار کي پينگهي ۾ لوڏي يا گوڏي تي سمهاري، ننڊ ڪرائڻ لاءِ، منٺڙي زبان ۾ ميٺاج سان آلاپيندي آهي.“(18) انهن دعائيه جملن ۽ لفظن ۾، اڪثر مسلمان مائرون، پهرين ڪلمي جو پيون ورد ڪنديون آهن ته ڪجهه وري اسم ”الله“ ”الله هو هو هو الله هو“ جو ذڪر پيون ڪنديون آهن، جيئن مخدوم طالب المولىٰ چيو ته:

”مادر مون معصوم کي، چيو لوليءَ ۾ الله.“

(چپر ۾ چڙيون، ص: 65)

ڪِن لولين ۾ اڪثر سنڌي مائرون ڪجهه هن ريت پيون دعائون ڪنديون آهن ته:

لا اله الاالله، ( ٻار جو نالو وٺي) ننڊ ڪري.

لا اله الاالله، منهنجو ننڍڙو ڳُڏڙو ڏاهو ٿئي.

لا الہ الاالله، منهنجو( ٻار جو نالو وٺي) وڏڙو ٿئي، پنڌ ڪري، امڙِيَت چاڙهي.

لا اله الاالله، رحم ڪر الله! منهنجي ٻچڙن تي،

جيڏو آهين الله، تيڏو آسرو يا رب، لا اله الاالله.

ڪڏهن ڪڏهن مائرون پنهنجي ٻچي سان پنهنجا ڏک سُور به ونڊينديون آهن، جيئن انگريزيءَ ۾ هڪ لولي ملي ٿي ته:

“ Lullay, Lullay, little child, why do you weep so sadly?

With sorrow you come into this world, with sorrow you will wend away.”

” لُولي لُولي، اي ننڍڙا ٻار! تون ايڏو اداس ٿي ڇو ٿو روئين؟، تون ته هن دنيا ۾ ڏک ساڻ آيو آهين ۽ ڏک ساڻ ئي هليو ويندين.“

اهڙي طرح، سنڌي ٻوليءَ جو سدا حيات شاعر، شاهه لطيف سسئيءَ جي واتان چورائي ٿو ته:

ڏني ڪا ماءُ سورن جي، پيئنگهي منجهه لولي،
پٿر پايان پالڪي، ڏونگر پايان ڏولي،
سر تيون شاهه لطيف چئي، صاحب ڪندو سولي.

جڏهن ته ٻئي پاسي ڏسبو ته، جيئن ئي سرائيڪي ٻوليءَ ۾ هن لوڪ گيت جي موضوع ۾ وسعت آئي، تيئن ئي ان جو اثر سنڌي لوليءَ تي به پيو ۽ سنڌي لوڪ گيتن جي هن اڳواڻ طور ڄاتل سڃاتل صنف ۾ به موضوعاتي حوالي سان تبديليون اينديون رهيون. بقول ڊاڪٽرعبدالڪريم سنديلي جي ته:” لوليءَ جو بنيادي نڪتو آهي: جذبن، امنگن ۽ احساسن جو اظهار. يقين آهي، ته اهو جذبو پهريائين ماءُ کي ٻچي لاءِ پيدا ٿيو هوندو. تنهان پوءِ جيئن وقت گذرندو رهيو ۽ عشق ۽ عقل جي جنون ۽ دانش جا درياءَ وهندا رهيا. تيئن لوليءَ جا رنگ ۽ روپ به نرالا ٿيندا رهيا.“ (19) اهو ئي سبب آهي جو اڳ ۾ جتي لولي ۾ ماءُ جي ممتا جو هڳاءُ هو اتي هاڻي زماني جي اٿل پٿل سان عشق ۽ محبت جا قصا به ڳائجڻ لڳا .جدائي ۽ وڇوڙي جا چرچا به عام ٿيڻ لڳا . محبوب جي وصال ۽ قرب جي واجهائڻ خاطر، جستجو به ٿيڻ لڳي. درد ۽ فراق جو راڳ به آلاپيو ويو. وَر جي لاءِ سندس وني واٽن تي ويهي، سندس واپس ورڻ جون راهون تڪڻ لڳي، پرديس کان پنهنجي ديس طرف مهارون موڙڻ جون آزيون نيازيون به ڪرڻ لڳي، مختلف تاريخي واقعن جو ذڪر به ٿيڻ لڳو ته، هدايت سان ڀرپور ۽ نصيحت آميز ڳالهيون به ٿيڻ لڳيون، مطلب ته لوليءَ جي موضوع ۾ ايتري ته وسعت اچڻ لڳي، جو هاڻ هر قسم جو موضوع هن لوڪ صنف جي زيب ۽ زينت بڻجي ويو. پر اها لولي جي فڪري وسعت رڳو سنڌي ٻولي جي لولي ۽ سرائيڪي لوليءَ ۾ ئي نظر اچي ٿي، جڏهن ته دنيا جي ٻين ٻولين جي لوليءَ جي گيت ۾ اهڙي قسم جي ڪا تبديلي نظر نٿي اچي.

## جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ملندڙ لوليءَ جو فني ۽ فڪري جائزو:

جديد سنڌي شاعرن به لوليءَ جي صنف تي بنهه منفرد ۽ هڪ نئين انداز ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. پر انهن وٽ جدائيءَ ۽ جهوريءَ، هجر ۽ فراق، وصل ۽ ميلاپ، عشق ۽ محبت وغيره جو ذڪر نه. بلڪ بلوچي ۽ پشتو ٻوليءَ ۾ ملندڙ لولين وانگر پنهنجي ديس، ديس جي ماروئڙن، سانگيئڙن ۽ جهانگيڙن، ديس جي تهذيب ۽ تاريخ، ٻولي ۽ ثقافت، سياسي ۽ سماجي حالتن جو عڪس ملندو. ان ۾ دولهه درياءُ خان، هوشو دودي جهڙن سپوتن جي سورهيائيءَ ۽ بهادري جا قصا ملندا. جيئن سنڌ جي وينجهر شاعر شيخ اياز جي هي لولي ڏسو:

سنڌ جي سڏ تي، شال گهوريو وڃين !

ڪاڪ وهندي رهي، تون ڪڪوريو وڃين !

لوليون، او ابا !

لوليون ! لوليون !

(وڄون وسڻ آئيون، ص 103)

اهڙي ريت هڪ ٻئي مثال ۾ ڏسون ته، هو پنهنجي ديس ۾ ڌرتيءَ مٿان دودي، هوشو ۽ دولهه درياءَ وانگي سِر تان سانگو لاهي، پنهنجي ديس جي حقن جي لاءِ وڙهندي سورهيائيءَ ۽ سچائيءَ سان پنهنجي ڌرتيءَ ماءُ تان سِر ۽ ساهه صدقي ڪرڻ جي لاءِ چوي ٿو ته:

شال دودو ٿئين ! شال دولهه ٿئين،

شال سورهيه ٿئين، سنڌ تي سر ڏئين!

لوليون او ابا !

لوليون! لوليون !

(وڄون وسڻ آئيون، ص 103)

استاد بخاري جي لولين ۾ اها ئي ساڳي تند تنوار ۽ پنهنجي وطن، قوم ۽ ٻوليءَ سان پيار جي پرچار ڪجهه هن ريت ملي ٿي ته:

جيجل جهولي ، ڏئي پئي لولي ، سنڌي ٻولي ، قومي ٻولي

وڏڙو ٿيندين ، وڪڙون ڪٽندين

ڀهرين ڀهرين ڦڙهي پڙهندي

ٻي ٻي پي پي ٻاتڙي ٻولي، سنڌي ٻولي، قومي ٻولي.

پيٽون توکي ٽوپي وجهنديون،

اجرڪ آٽي، ٻوڪي وجهنديون،

چوڏس تنهنجي چمڪي چولي، سنڌي ٻولي، قومي ٻولي.

تنهنجي مامن جي هيءَ ٻولي،

تنهنجي چاچن جي هيءَ ٻولي،

منڙي منڙي، سولي سولي، سنڌي ٻولي قومي ٻولي.

( ڳائي پيو جاڳائي پيو ص: 72_73)

هن لوليءَ ۾ جيڪڏهن ڏسبو ته، استاد بخاري جي فني مهارت، ٻوليءَ جي سلاست، فصاحت ۽ بلاغت جو هڪ خوبصورت امتزاج ملي ٿو ته گڏوگڏ ترنم ۽ موسيقيءَ جو به هڪ منفرد ۽ من موهيندڙ سنگم ملي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ هڪ ٻئي خوبصورت شاعر نياز همايوني وٽ به اها ئي ساڳي تند تنوار ۽ پنهنجن جي پُڪار ملي ٿي، جن جي لاءِ هو چوي ٿو ته:

جوڳيئڙا ڪيئن جالين جڳ ۾،

جهير ٿي جن جي جهولي الو

لولي _ لولي.

جوپن تنهنجو جهنگ جي گل جان

واءُ نه لڳئي شل اولي آلو

لولي _ لولي.

لوليون اسان جون پيجل جون ٻوليون،

سنڌ جي شال تي سولي آلو

لولي _ لولي.

( ڌرتيءَ جا گيت، ص: 38)

اهڙي ريت، ڏٺو وڃي ته، جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ملندڙ لوليءَ جا ٻيا به کوڙا سارا مثال موجود آهن. جن ۾ فڪري ۽ موضوعاتي حوالي سان ساڳيو ئي اثر ملي ٿو. جڏهن ته، فني حوالي سان جيڪڏهن ڏسجي ته، جديد سنڌي شاعرن وٽ، هن لوڪ صنف جو اهو ئي ساڳيو فارميٽ يا گهاڙيٽو ملي، جيڪو اڳ ۾ سنڌي لوڪ شاعرن وٽ موجود ملي ٿو.

## نتيجا:

لولي، لوڪ گيتن مان هڪ اهم ۽ قديم لوڪ گيت آهي. جنهن جو بنيادي مقصد ٻار کي سمهارڻ سان گڏوگڏ جذباتي وابستگي ۽ سماجي قدرن جي منتقلي به رهيو آهي. لفظ "لولي" جي تاريخي ۽ لساني جائزي مان ظاهر ٿيو ته مختلف ٻولين ۽ ثقافتن ۾ هن گيت جي لاءِ جدا جدا نالا استعمال ٿيندا رهيا آهن، پر انهن جو بنيادي مقصد ۽ فڪري جوهر گهڻو ڪري هڪجهڙو رهيو آهي. روايتي لولين جو مرڪزي موضوع ماءُ جي محبت، شفقت، دعائن ۽ ٻار جي روشن مستقبل بابت خواهشن سان وابسته رهيو آهي. سنڌي لولين ۾ به وڏي تعداد ۾ اهڙا مثال ملن ٿا، جن ۾ ماءُ جي ممتا، قرباني ۽ جذباتي وابستگي نمايان نظر اچي ٿي، پر وقت سان گڏ لولي جي موضوعاتي ۽ فڪري دائري ۾ نمايان وسعت آئي آهي. خاص طور تي سرائڪي لولين ۾ ماءُ جي محبت ۽ مامتا کان علاوه پيار ۽ محبت جهڙن ٻين فڪري موضوعن کي پڻ شامل ڪيو ويو آهي، جنهن لولي کي محض سمهارڻ واري گيت بدران پيار ۽ محبت جي اظهار جو ذريعو به بڻايو آهي. اهو ساڳيو ئي فڪري ۽ موضوعاتي اثر، اسان کي سنڌي لوليءَ جي فڪري ڪئنواس تي مختلف رنگن ۾ نظر اچي ٿو. جڏهن ته، جديد سنڌي لولين ۾ خاص طور تي پشتو ۽ بلوچي لوڪ ادب جا اثر نظر اچن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو انهن اثرن جي نتيجي ۾ سنڌي لولين ۾ بهادري، جرئت، قومي سڃاڻپ، ثقافتي ورثي جي حفاظت ۽ تاريخي شعور جهڙا موضوع شامل ٿيا آهن. تنهنڪري، اهڙي قسم جون لوليون ٻار جي شخصي تعمير ۽ قومي سڃاڻپ ۽ آگاهي جي واڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون.

**حوالا:**

1. سنديلو عبدالڪريم, ڊاڪٽر." لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو", انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ,ايڊيشن پهريون, 1986ع, ص: 11.

2. بلوچ, نبي بخش خان, ڊاڪٽر. "لوڪ گيت", سنڌي ادبي بورڊ,ڄامشورو 2006ع.

3. ڄامڙو ڪمال, ڊاڪٽر. "سنڌوءَ جا گيت", ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ, 2008ع, ص: 52.

4. سترامداس سوياسنگهه, پروفيسر. " سائل ڪوش (هڪ جلدي سنڌي _سنڌي لغت)", ڪويتا پبليڪيشن, حيدرآباد, 2009ع, ص: 64.

5. بلوچ, نبي بخش خان, ڊاڪٽر. "نئين جامع سنڌي لغات (جلد ٽيون, ق_ي)", سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو, 2017ع, ص: 1706.

6. انصار الله, محمد, ڊاڪٽر. " سنسڪرت اُردو لُغت", مقتدره قومي زبان, اسلام آباد, 1993ع, ص: 62-

7. http://www.rekhtadictionary.com/meaning-of-lallaa?lang=ur.

8.http://www.dailycal.org/weekender/poems/lullaby-an-etymology/artical_770df4f4-9841-591f-923e-7f1f97372b1c.html.

9. .https://en.wikipedia.org/wiki/Lullaby-16/05/2026.

10. ڄامڙو ڪمال, ڊاڪٽر. "سنڌوءَ جا گيت", ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ, 2008ع, ص: 87

11.https://www.bbc.com/urdu/mobile/science/2013/01/130123_lullabies_history_zs.shtml

12. http://everything_everywhere.com/the_history_of_the_lullaby/10/05/2026.

13. http://everything_everywhere.com/the_history_of_the_lullaby/10/05/2026.

14. ڄامڙو ڪمال, ڊاڪٽر. "سنڌوءَ جا گيت", ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ, 2008ع, ص: 87_88.

15. بلوچ, نبي بخش خان, ڊاڪٽر. "لوڪ گيت", سنڌي ادبي بورڊ,ڄامشورو 2006ع.

16. نظاماڻي, الله بخش. "سنڌي لوڪ ادب جو ارتقائي جائزو" انسٽيٽيوٽ اف سنڌالاجي, 1981ع, ص:57

17. ڄامڙو ڪمال, ڊاڪٽر. "سنڌوءَ جا گيت", ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ, 2008ع, ص: 92.

18. نظاماڻي, الله بخش. "سنڌي لوڪ ادب جو ارتقائي جائزو" انسٽيٽيوٽ اف سنڌالاجي, 1981ع, ص:57

19. سنديلو عبدالڪريم, ڊاڪٽر."لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو", انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ,ايڊيشن پهريون, 1986ع, ص: 280